# قبر
# ڪيئن روشن ٿي؟

07-March-2023



اجتماعِ شبِ برات کا بیان

(For Islamic Brothers)

اجتماعِ شبِ براءت جو بيان (15 شعبانُ المُعظم 1444ھ، 7 مارچ، 2023ء)

# قبر ڪيئن روشن ٿي؟

**هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...**

- ✿... قبرون آخرت جي ياد ڏياريندِيون آهن
- ✿... قبر جنّت جو باغ يا دوزخ جو گڏو
- ✿... صديق ۽ عُمر (رضی اللہ عنہما) جو وسيلو ڪم اچي ويو
- ✿... صحابۂِ ڪرام ٻارن ڪي قبر جا سوال سيکاريندا هئا
- ✿... تلاوت ڪرڻ واري جي قبر کي وسيع ڪيو ويندو آهي

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

علّامہ قُرطبي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ پيري هڪ عورت مشهور وليُ الله حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ عورت حاضر ٿي عرض ڪيو: منهنجي جوان ڌيءَ فوت ٿي وئي آهي ڪو طريقو ارشاد فرمايو جو مان ان کي خواب ۾ ڏسي وٺان. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان کي عمل ٻڌايائون. ان پنهنجي مرحومہ ڌيءَ کي خواب (Dream) ۾ اهڙي حالت ۾ ڏٺو جو اُن جي بدن تي تارڪَول (يعني ڏامر) جو لباس، ڳچيءَ ۾ زنجير ۽ پيرن ۾ زنجيرون آهن! ان عورت اهو خواب حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ٻڌايو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهو ٻڌي ڏاڍا غمگين ٿيا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خواب ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي ڏٺو. جيڪا جنّت ۾ هئي ۽ ان جي مٿي تي تاج (Crown) پاتل هو. ان چيو: ڇا اوهان مون کي نہ سڃاتو، مان انهيءَ عورت جي ڌيءَ آهيان، جنهن اوهان کي منهنجي حالت ٻڌائي هُئي، حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ڪهڙي سبب مان توهان جي حالت بدليل ڏسي رهيو آهيان؟” مرحومہ چوڻ لڳي: قبرستان جي قريب کان هڪ شخص گذريو ۽ ان شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف موڪليو، ان جي درود شريف جي برڪت سان الله پاڪ اسان

550 قبر وارن تان عذاب ڪٽي ورتو.[1]

| | |
|---|---|
| بَسُوئے کُوئے مدینہ بڑھو درود پڑھو! | جو تم کو چاہیے جنّت پڑھو درود پڑھو! |

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان دُرودِ پاڪ جي برڪت اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جو پيارو الله پاڪ پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت فرمائيندو آهي، ان ڪري ان دُرودِ پاڪ ۾ اهڙيون برڪتون رکيون آهن ته جيئن ٻانها دُرودِ پاڪ پڙهندا رهن. محبوبِ ربّ، سلطانِ عرب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪر ٿيندو رهي ۽ ٻانهن جي بخشش جو سامان به ٿيندو رهي. ڪاش! اسان به ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻايون. شعبانُ المُعظم ۾ ته خاص ڪثرت سان دُرود پڙهڻ گهرجي ڇوته شعبانُ المُعظم آهي ئي دُرودِ پاڪ جو مهينو. شيخ شهابُ الدّين حجازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: بيشڪ شعبانُ المُعظم دُرودِ پاڪ پڙهڻ جو مهينو آهي جو آيتِ دُرود يعني سيپارو: 22 سورة احزاب جي مشهور آيتِ ڪريمه

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىٕكَتَهٗ یُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِیِّؕ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَیْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِیْمًا ﴿۵۶﴾ (سيپارو: 22 سورة احزاب: آيت: 56) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي تي دُرود موڪلن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي دُرود ۽ خوب سلام موڪليو. |

هي آيت شعبانُ المُعظم ۾ ئي نازل ٿي.[2]

| | |
|---|---|
| تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے! | سَو درودیں فدا، ہزار سلام |
| وہ سلامت رہا قیامت میں | پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام[3] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] التذكرة، جز:1، صفحہ:68ملتقطًا۔
[2] مَوَاهِبُ اللَّدُنيه، جلد : 2،صفحہ:506 ۔
[3] ذوقِ نعت، صفحہ:170و171۔

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.(1)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! ❁ اَڄُ شبِ بَراءَت يعني نجات واري رات آهي ❁ اَڄُ ڀلائين واري، برڪتن واري، عظمتن واري رات آهي ❁ رحمتن جي ڇماڇم برسات جي رات آهي ❁ اَڄُ بخشش ۽ مغفرت جي رات آهي ❁ هن رات ربِّ ڪائنات پنهنجي ٻانهن تي خوب رحمتون نازل فرمائيندو آهي ❁ اَڄُ دعائن جي قبوليت جي رات آهي ❁ اَڄُ روزي تقسيم ٿيڻ جي رات آهي.

آئی شَبِ براءَت، یہ ہے برکتوں کی رات
لطف و کرم کی رات ہے، یہ رحمتوں کی رات

بارانِ فضل ہوتا ہے اس شب کو ہر گھڑی
خوش بخت ہے جسے ملی یہ عظمتوں کی رات

جو چاہتے ہو، تم کو کرے گا خدا عطا
اس کی عنایتوں کی ہے یہ نعمتوں کی رات

غم کا علاج آج کی شب دستیاب ہے
یہ جاں فزا ہیں ساعتیں، یہ فرحتوں کی رات

کر لو مرض کے واسطے رب سے دُعا ابھی
یہ ہے شفا کی رات، یہ ہے راحتوں کی رات

دامن بڑھاؤ مانگ لو خیراتِ مغفرت
اے عاصیو! ہے جلوہ نما رافتوں کی رات

راضی کرو تمام جو ناراض تم سے ہیں
صلح و صفا کی رات ہے، یہ قُربتوں کی رات

---

1... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

# لڪين گنهگارن جي مغفرت ٿي ويندي آهي

تمام مسلمانن جي پياري اَمّي جان حضرت عائشہ صديقہ طيّبہ طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون هڪ رات سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بستر مبارڪ تي نہ ڏٺو، تلاش ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بقيعِ پاڪ ۾ آهن، پياري نبي، رسولِ هاشمي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ الله پاڪ شعبان جي 15 هين رات آسمانِ دنيا تي تجلي فرمائيندو آهي، بَس ان رات قبيلي بنو ڪلب جي ٻڪرين جي وارن ڪان بہ وڌيڪ گنهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي.[1] بنو ڪلب ٻڪرين جي گهڻائي جي ڪري سموري عرب ۾ مشهور قبيلو (*Tribe*) هو، ڪتابن ۾ لکيل آهي: هي ماڻهو تمام گهڻيون ٻڪريون پاليندا هئا.[2]

سُبْحٰنَ الله! هڪ ٻڪريءَ جي جسم تي ڪيترا وارَ هوندا آهن، انهن جي ٻڪرين جي وارن جو تعداد ڪيترو هوندو؟ ان جي ڳڻپ انساني عقل کان مٿانهين آهي، الله تعاليٰ هن رات ۾ ان قبيلي جي ٻڪرين جي وارن کان وڌيڪ گنهگارن جي بخشش ۽ مغفرت فرمائيندو آهي. معلوم ٿيو: اڄوڪي رات هزارين، لکين بلڪ ڪروڙين ماڻهن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي.

براءَت دے عذابِ قبر سے، نارِ جہنّم سے
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ترمذی،کتاب الصوم، صفحہ:207،حدیث:739ملتقطاً۔
[2] مرقاة المفاتیح ،کتاب الصلوٰة، جلد:3،صفحہ:339،زیرِ حدیث:1299۔
[3] وسائلِ بخشش، صفحہ:97 و98۔

## قبرون آخرت جي ياد ڏياريندڙيون آهن

**اي عاشقانِ رسول!** اسان ٻڌو! سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ شبِ براءت تي جنت البقيع تشريف وٺي ويا، **بقيع شريف مديني پاڪ** جو مشهور قبرسات آهي. هن روايت مان معلوم ٿيو: اڄ جي رات قبرستان وڃڻ به اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ادا آهي. سالن کان مسلمانن جو معمول رهيو آهي ته شبِ براءت تي قبرستان ويندا ۽ پنهنجي رشتيدارن ۽ فوت شُده مسلمانن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندا آهن. الله پاڪ اسان کي به ان جي توفيق عطا فرمائي. شبِ براءت ۾ يا ان کان علاوه به قبرستان وڃڻ تمام فائديمند آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: قبرن کي ڏسندا ڪيو! بيشڪ قبرن کي ڏسڻ دنيا کان بي رغبت ڪندو ۽ آخرت جي ياد ڏياريندو آهي.[1]

دِلا غافِل نہ ہو یک دَم یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے
بغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا
زمیں کی خاک پر سونا ہے، اینٹوں کا سرہانا ہے
عزیزا یاد کر جس دن کہ عزرائیل آئیں گے
نہ جاوے کوئی تیرے سنگ اکیلا تُو نے جانا ہے
غُلام اِک دَم نہ کر غفلت حیاتی پر نہ ہو غُرّہ
خدا کی یاد کر ہر دَم کہ جس نے کام آنا ہے

## 7 سبق آموز قُرآني آيتون

سيپارو: 30، سورة عَبَس، آيت: 17 کان 23 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُتِلَ الۡاِنۡسَانُ مَاۤ اَكۡفَرَهٗ ﴿۱۷﴾ مِنۡ اَىِّ شَىۡءٍ خَلَقَهٗ ﴿۱۸﴾ مِنۡ نُّطۡفَةٍ ؕ خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ ﴿۱۹﴾ ثُمَّ

**ترجمو ڪنز العرفان:** انسان ماريو وڃي، ڪيترو ناشڪرو آهي اهو، الله ان کي ڪنهن شيءِ مان پيدا ڪيو آهي؟ هڪ قطري مان ان کي پيدا ڪيو، پوءِ ان کي

---

[1] ابن ماجہ،کتاب الجنائز،باب: ماجاء فی زیارۃ القبور ،صفحہ:252،حدیث:1571۔

السَّبِيْلَ يَسَّرَهٗ ﴿۲۰﴾ ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ﴿۲۱﴾ ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ ﴿۲۲﴾ كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَآ اَمَرَهٗ ﴿۲۳﴾

(سيپارو: 30، سورة عَبَس، آيت: 17 کان 23)

طرح طرح جي حالتن ۾ رکيو، پوءِ رستو آسان ڪري ڇڏيو ان جي لاءِ، پوءِ ان کي موت ڏنو پوءِ ان کي قبر ۾ رکرايو، پوءِ جڏهن چاهيندو ان کي ٻاهر ڪڍندو، يقيناً ان اجان تائين پورو نہ ڪيو جيڪو اللہ ان کي حڪم ڏنو هو.

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جي هنن 7 مختصر آيتن ۾ ڪيتري خوبصورتي سان اسان جي انداز، اسان جي احوال ۽ اسان جي زندگي جي حقيقت کي بيان فرمايو ويو آهي.

اڄ اسان جي عضون ۾ طاقت آهي، اسان صحت مند آهيون، تندرست ۽ عقلمند آهيون، اسان وٽ عهدا بہ آهن، منصب بہ آهن، ڪو انجنيئر آهي، ڪو ڊاڪٽر، ڪو سيٺ، ڪو امير زادو، ڪو پوليس وارو آهي، ڪو فوجي، مطلب تہ اسان گهڻو ڪجھ آهيون پر اسان سيني جي ابتدا ڇا آهي؟ پاڻيءَ جو هڪ قطرو. اللہ پاڪ اسان جي لاءِ زمين جو فرش وڇايو، آسمان کي ڇت بڻايو، اسان جي دنيا ۾ اچڻ کان پهريان ئي اسان جي لاءِ لکين نعمتون پيدا ڪري ڇڏيون، پوءِ پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي مان جيئرو جاڳندو انسان خلقي ڪري هن دنيا ۾ موڪلي ڇڏيو. اها ئي اسان جي حقيقت آهي، اها ئي اسان جي اصل آهي.

هاڻي ڇا اسان هتي هميشہ رهنداسين؟ نہ، اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ﴿۲۱﴾

(سيپارو: 30، سورة عبس: آيت: 21)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ان کي موت ڏنو پوءِ ان کي قبر ۾ رکرايو.

عنقريب مَلَڪُ الْموت عَلَيهِ السَّلَام تشريف وٺي ايندا، روح جسم مان ڪڍيو ويندو ۽ اسان جا چاهڻ وارا اسان کي اونداهي قبر ۾ رکي ڪري موٽي ايندا.

پوءِ...!! ڇا هتي قصو تمام ٿي ويو؟ نہ...!!

ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ ﴿۲۲﴾
(سيپارو: 30، سورة عبس: آيت: 22)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن چاهيندو ان کي ٻاهر ڪيندو.

اهو وقت ايندو قبرون کُلنديون، مُرده ٻيهر زنده ٿيندا، اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندا، اعمال جو حساب ورتو ويندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت آهي، موت اسان جي مٿي تي آهي، قبر جو وحشت ناڪ گڏو ۽ قيامت جو هولناڪ ميدان اسان جي سامهون آهي، حضرت ملڪُ الموت عَلَيهِ السَّلَام ان انتظار ۾ آهن تہ ڪڏهن تو ان ٻانهي جو وقت پورو ٿي ۽ مان روح قبض ڪيان، حضرت اِسرافيل عَلَيهِ السَّلَام صُور وات ۾ ڪنيو انهيءَ اوسيئڙي ۾ آهي تہ ڪڏهن تو حڪم ٿي ۽ مان صُور ڦوڪي ڪري قيامت آڻي ڇڏيان. هاڻي ان صورتِ حال ۾ اسان جو حال ڪهڙو آهي، اسان جي زندگي جو انداز، طور طريقو ڪهڙو آهي؟ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَاۤ اَمَرَهٗ ﴿۲۳﴾
(سيپارو: 30، سورة عبس: آيت: 23)

ترجمو ڪنزالعرفان: يقيناً ان اڃان تائين پورو نہ ڪيو جيڪو اللّٰه ان کي حڪم ڏنو هو.

اسان کي پنج نمازن جو حڪم ڏنو ويو، پر اسان پوريون نہ ٿا پڙهون، 12 مهينن ۾ صرف هڪ مهيني جا روزا فرض ٿيا، اسان پورا ناهيون رکندا، 100 روپين ۾ صرف اڍائي رپيا اهو بہ شرائط پورا ٿيڻ جي صورت ۾ زڪوات فرض ڪئي وئي، اسان ناهيون ڏيندا، شرائط پورا ٿيڻ جي صورت ۾ سڄي عُمر ۾ صرف هڪ ڀيرو حج ادا جو حڪم ڏنو ويو، پر اسان ناهيون ادا ڪندا، قرآنِ ڪريم جي تلاوت، دُرودِ پاڪ جي ڪثرت، ذڪر و اذڪار، ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري، صلح رحمي، عزيز رشتيدارن، پاڙي وارن سان نيڪ سُلوڪ،

نگاهن جي حفاظت، زبان، هٿ، دل جي حفاظت، ماپ تور ۾ ايمانداري، حلال ڪمائڻ، حلال کائڻ مطلب ته ڪيئي احڪام ڏنا ويا، زندگي گذارڻ جو طريقو سيکاريو ويو، زندگي جي هر هر مرحلي جي متعلق رهنمائي ڏني وئي پر اسان جو حال...!! اسان احڪام پورا نه ڪيا، موت متي تي بيٺو آهي، اسان غفلت ۾ آهيون، قبر جو هولناڪ کڏو سامهون آهي، اسان سُڌرڻ جو نالو ئي نٿا وٺون، قيامت جي ڏينهن اٿاريو ويندو پر اسان کي احساس ناهي هوندو.

دِل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا
مَغلوب شَہا! نفسِ بدکار نہیں ہوتا

اے ربّ کے حبیب آؤاے میرے طبیب آؤ
اچھا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا

گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی
پاکیزہ گناہوں سے کِردار نہیں ہوتا[1]

## ماڻهو غفلت ۾ آهي

صحابيءِ رسول حضرت جابِر بن عبدُ الله رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ماڻهو جنهن جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ان کان غفلت ۾ آهي. الله پاڪ جڏهن انسان جي تخليق جو ارادو فرمائيندو آهي ته ملائڪَ کي فرمائيندو آهي: ان جو رزق لک! ان جا اعمال لک! ان جو موت لک! ان جي نيڪ بختي يا بدبختي به لک! پوءِ اهو ملائڪ هليو ويندو آهي ۽ الله پاڪ هڪ ٻيو ملائڪ موڪليندو آهي جيڪو ان لکيل کي چڱي طرح محفوظ ڪري وٺندو آهي پوءِ اهو ملائڪ به هليو ويندو آهي ۽ الله پاڪ ان ٻانهي تي 2 ملائڪ مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪي ان جون چڱايون ۽ بُرايون لکندا آهن ۽ جڏهن ان جي موت جو وقت ايندو آهي ته اهي ملائڪ به پنهنجي جڳهه ڇڏي ڏيندا آهن ۽ ملڪُ الموت عَلَیہِ السَّلَام ان جو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ اچي

[1] وسائلِ بخشش،صفحہ:163 ملتقطًا۔

ويندو آهي، جڏهن ان کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي تہ ان جو روح جسم ۾ موٽايو ويندو آهي ۽ قبر ۾ 2 ملائڪ! (يعني مُنڪر نڪير) ان جو امتحان وٺڻ ايندا آهن ۽ پوءِ هليا ويندا آهن، پوءِ جڏهن قيامت قائم ٿيندي تہ چڱايون ۽ بُرايون لکڻ وارا ملائڪ هيٺ لهندا ان جي ڪنڌ ۾ ٻَڌل ڪتاب کوليندا پوءِ اهي ان کي وٺي ڪري هن طرح حاضر ٿيندا جو هڪ قائد ۽ هڪ سائق (هلائڻ وارو) هوندو. ان کان بعد پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **يقيناً توهان جي سامهون هڪ تمام وڏو معاملو آهي جنهن جي توهان طاقت نہ ٿا رکو لهٰذا خُداءِ بُزرگ ۽ بَرتر کان مدد گهرو.**[1]

عمل کا ہو جذبہ عَطا یاالٰہی! گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی![2]

## قبر جو معاملو آسان ناهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي سامهون ماڻهن کي مرندي ڏٺو هوندو پر ياد رکو! مرڻ آسان ناهي، اسان پنهنجي هٿن سان ميت کي ڪفن پارايو هوندو، ڪفن پارائڻ آسان آهي، پر پائڻ آسان ناهي، اسان جنازي کي ڪلهو ڏنو هوندو پر جنازي جي کٽ تي سمهي ڪري 4 ڪلهن تي سوار ٿيڻ آسان ناهي، اسان ڪيئي ماڻهن کي قبرن ۾ لاٿو هوندو ياد رکو! معاملو واقعي تمام ڏکيو آهي.

ٿورو تصور تہ ڪيو! جيئن ڪپهہ جي ڍير ۾ ڪنڊن واري ٽاري رکي ڪري اوچتو جهٽڪي سان ڇڪي وجي، ائين ئي اسان جي جسم مان روح ڇڪيو ويندو، اسان جي جسم جو هر حصو درد ۽ تڪليف ۾ هوندو، تڪليف بہ ڪهڙي..؟ هڪ هزار تلوارن جي وارَ کان وڌيڪ سخت...!! پوءِ ان بيوسي جي

[1] حلية الاولياء،جلد:3، صفحہ:221، رقم:3775 ملتقطًا۔
[2] وسائلِ بخشش،صفحہ:102۔

حالت ۾ اسان جو ڪو حال به پڇڻ وارو نه هوندو، اسان جا ماءُ پيءُ، اولاد، ڀيڻ ڀاءُ، عزيز رشتيدار، اسان جا ناز نخرا کڻڻ وارا مٽن ڪان بينا هوندا، ڪو اسان جي مدد نه ڪري سگهندو، سڀ ڏسندا ئي رهجي ويندا، اسان ڪنهن ڪي پنهنجو ڏکُ به بيان نه ڪري سگهنداسين، هاءِ! اسان جي چؤطرف رڙيو ۽ دانهون ٿي رهيون هونديون ۽ اسان ڪنهن سان ڳالهائي به نه سگهنداسين، اسان جو مال، اسان جي دولت، اسان جو بينڪ بيلنس، اسان جون ڪارون، اسان جا گهر، اسان جا بنگلا، اسان جي طاقت ۽ قوت، اسان جو عهدو ۽ منصب، اسان جون ڊگريون سڀ ڪجهه ائين بيڪار رهجي ويندو، اسان جي جسم تي ويڙهيل ڪپڙا به لاٿا ويندا، خالي ڪفن پارايو ويندو، پوءِ اسان جا چاهڻ وارا، ناز نخرا کڻڻ وارا، پاڻ پنهنجي ڪلهن تي کڻي ڪري سوڙهي ۽ اونداهي قبر ۾ ليٽائي، پنهنجي هٿن سان مٽي جا مَڻ وجهي ڪري واپس موٽي ايندا، اسان انهن جي قدمن جو آواز ٻڌي رهيا هونداسين پر انهن کي پڪاري نه سگهنداسين، افسوس! هي تڪليف اهڙي تڪليف جو پهريان ڪڏهن به نه پهتي هوندي، هيءَ اڪيلائي جو اسان اهڙي اڪيلائي پهريان نه ڏٺي هوندي، هي وحشت جو اهڙي وحشت ڪڏهن نه ڏٺي هوندي، پوءِ هيستائين بَس ناهي...!! اجان هي صدمن تي صدما گذري ئي رهيا هوندا، نئين گهر ۾ اجان اچي ڪري ڪجهه ترسيا ئي هونداسين، اجان ان اڪيلائي جي عادت به نه هوندي، روح نڪرڻ جي تڪليف ۾ گهٽتائي به نه ٿي هوندي ته اوچتو قبر جون ديوارون لڏڻ لڳنديون، 2 ملائڪ قبر جي ديوارن کي چيريندي قبر ۾ اچي ويندا ۽ سخت لهجي ۾ اسان کان سوال ڪندا، افسوس! جيڪڏهن اسان انهن سوالن جا صحيح جواب نه ڏئي سگهياسين، هاءِ! افسوس! جيڪڏهن اسان قبر جي امتحان ۾ ڪامياب نه ٿي سگهياسين ته اسان جي قبر ۾ جهنّم جي باهه ڀڙڪائي ويندي، عذاب مُسلط ڪيو ويندو، هاءِ! اسان جو ڇا

ٻٽبو؟ ڪيڏانهن ويندا سين؟ ڪنهن کي مدد جي لاءِ پڪاريندا سين؟

قبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار
مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بیشمار
یاد رکھ میں ہوں اندھیری کوٹھڑی
تجھ کو ہوگی مجھ میں سُن وَحشت بڑی
میرے اندر تُو اکیلا آئے گا
ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا
گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا
بے عمل! بے انتِہا گھبرائے گا
جب ترے ساتھی تجھے چھوڑ آئیں گے
قبر میں کیڑے تجھے کھا جائیں گے
قبر میں تیرا کفن پھٹ جائے گا
یاد رکھ نازک بدن پھٹ جائے گا
تیرا اک اک بال تک جھڑ جائے گا
خوبصورت جسم سب سڑ جائے گا
کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب      صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## موت اوچتو اچي ويندو

حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْهما هڪ شخص کي نصيحت ڪندي فرمايو: اي ڀاءَ! جا تون ڄاڻين ٿو تہ موت تنهنجي سامهون آهي اوچتو اچي ويندو، خبر ناهي تو وٽ صبح اچي يا شام، رات جو اچي يا ڏينهن جو پوءِ هولناڪ قبر ۽ منڪر نڪير جو مرحلو ۽ پوءِ قيامت جو اهو ڏينهن جنهن ۾ باطل پرستن کي خسارو ٿيندو.[2]

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار
تُو اچانک موت کا ہوگا شکار
موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ!
جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!

[1] وسائلِ بخشش،صفحہ:711-712 ملتقطًا۔
[2] شعب الایمان ، باب فی حفظ اللسان ،جلد:4 ،صفحہ:214 ، رقم: 4834 ۔

# قبر جنّت جو باغ يا دوزخ جو کَڏو

حضرت ابو سعيد خُدري رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: لذتن کي ختم ڪرڻ واري موت کي ڪثرت سان ياد ڪيو ڇوته قبر روزانو پڪاري ڪري چوندي آهي: مان اَجْنَبِيت جو گهر آهيان، مان اڪيلائي جو گهر آهيان، مان مٽيءَ جو گهر آهيان ۽ مان ڪيڙن ماڪوڙن جو گهر آهيان. جڏهن مومن کي قبر ۾ دفنايو ويندو آهي ته قبر ان کي چوندي آهي: ڀليڪار تون منهنجي پُٺيءَ تي هلڻ وارن مان مون کي محبوب ترين هئين ۽ هاڻي تون منهنجي اندر اچي ويو آهين، هاڻي تون منهنجو حُسنِ سلوڪ ڏس، پوءِ قبر ان جي لاءِ حدِ نگاھ تائين ڪشاده ٿي ويندي آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت جو دروازو کوليو ويندو آهي ۽ جڏهن ڪو فاجر (يعني گنهگار) يا ڪافر شخص دفن ڪيو ويندو آهي ته قبر چوندي آهي: توکي ڪا ڀليڪار ناهي، تون منهنجي پُٺيءَ تي هلڻ وارن مان منهنجي ويجهو بدترين شخص هئين ۽ هاڻي تون منهنجي اندر اچي ويو آهين لهٰذا هاڻي پاڻ سان منهنجو ورتاءُ ڏس پوءِ قبر ان تي پنهنجو گهيرو سوڙهو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ان جون پاسِريون هڪٻئي ۾ پيوست ٿي وينديون آهن. راوي چون ٿا: رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ هي ڳالهه پنهنجون مبارڪ آڱريون هڪٻئي ۾ وجهي ڪري اشارو ڪري ٻڌائي پوءِ فرمايائون: الله پاڪ ان تي 70 نانگَ مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪڏهن انهن مان هڪ به زمين تي ڦونڪاري ته دنيا جي فنا ٿيڻ تائين زمين تي ڪجھ نه ڦُٽي، اهي نانگَ ان مُردي کي قيامت تائين ڏنگيندا رهندا. راوي چون ٿا: پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِنَّمَا الْقَبْرُ رَوْضَةٌ مِّنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ اَوْحُفْرَةٌ مِّنْ حُفَرِ النَّار **يعني قبر جنّت جي باغن مان هڪ**

باغ آهي يا جهنم جي کڏن مان هڪ کڏ.[1]

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں
کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یارب!
بُرائیوں پہ پَشیماں ہوں رَحم فرمادے
ہے تیرے قہر پہ حاوی تری عطا یارب!
گناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد
مُعاف کردے نہ سہ پاؤں گا سزا یارب!
میں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یارب!

## مُردي کي قبر جي ڇڙٻَ

حضرت ابُو الحَجّاج ثُمالِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جڏهن ميت کي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي ته قبر ان سان خطاب ڪندي آهي: اي انسان تون برباد ٿئين! تو ڇا جي ڪري مون کي وساري ڇڏيو؟ ڇا توکي ايتري به خبر نه هئي ته مان فتنن جو گهر آهيان، اونداهي جو گهر آهيان، اڪيلائي جو گهر آهيان، ڪيڙن ماڪوڙن جو گهر آهيان، اي انسان! پوءِ توکي ڪهڙي ڳالهه مون کان غافل رکيو جو تون منهنجي مٿان آڪڙجي هلندو هئين.[2]

قبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار
مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بیشمار
یاد رکھ میں ہوں اندھیری کوٹھڑی
تجھ کو ہوگی مجھ میں سُن وَحشت بڑی
میرے اندر تُو اکیلا آئے گا
ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا
گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا
بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا
کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ترمذی،ابواب صفۃ القیامۃ و الرقائق و الورع،صفحہ:584 ،حدیث:2460۔
[2] مسند ابی یعلٰی ،جلد:5،صفحہ:233 ،حدیث:6864۔
[3] وسائلِ بخشش،صفحہ:711-712 ملتقطًا۔

## بڌاءِ تو منهنجي لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي

حضرت عبدُ الله بن عُبيد رضی اللہ عنہ فرمايو: مون تائين هي ڳالهه پهتي آهي ته حضور نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ رضی اللہ عنہ فرمايو: ميت کي جڏهن قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته اهو ويهي رهندو آهي ۽ جنازي سان گڏ اچڻ وارن جي قدمن جو آواز ٻڌندو آهي، سڀ کان پهريان ان جي قبر ان کان ڪلام ڪندي چوندي آهي، **اي ابنِ آدم**! تنهنجو بُرو ٿئي ڇا توکي مون کان ڊيڄاريو نه ويو هو؟ ڇا توکي منهنجي سختي، بدبو، وحشت، هولناڪي ۽ ڪيڙن ماڪوڙن جو خوف نه ڏياريو ويو هو؟ هي مون اڄ جي ڏينهن جي لاءِ تيار ڪيا آهن ته ٻڌاءِ تو منهنجي لاءِ ڇا تياري ڪئي آهي؟[1]

## موت جي تياري ڪري وٺو!

حضرت عبدُالله بن عبّاس رضی اللہ عنہما روايت ڪن ٿا: رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: پنهنجي قبر جي لاءِ تياري ڪيو ڇوته قبر روزانو 7 ڀيرا هي پڪاريندي آهي: اي ڪمزور انسان! مون سان ملڻ کان پهريان ئي پنهنجي زندگي ۾ پاڻ تي رحم ڪر، ڇا تو ان وقت پاڻ تي رحم ڪندي جڏهن مون ۾ بوسيده ٿي ويندي؟[2]

حضرت سفيان ثوري رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جيڪو قبر کي اڪثر ياد ڪري اهو جنّت جي باغن مان هڪ باغ ماڻيندو ۽ جيڪو ان جي ياد کان غافل رهيو اهو ان کي جهنّم جي کڏن مان هڪ کڏ لهندو.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هن دنيا ۾ آياسين، هتي رهڻ جي لاءِ نه، وڃڻ جي

---

[1] زُہد لابن المبارک ، باب: ما يبشربہ الميت عند الموت...الخ، صفحہ:466، حديث :160۔
[2] كنز العمال،كتاب: الموت،جز:15 ،جلد:8،صفحہ:235،حديث:42137۔
[3] التذكرة للقرطبی ، باب ما جاء فی كلام القبر كل يوم ... الخ ،صفحہ:87 ۔

لاءِ آيا آهيون، جيڪو بہ ڪيون، آخر هتان ڪان وڃڻو آهي، قبر جي ڪڏي ۾ لهڻو ئي لهڻو آهي، ان لاءِ سُٺو آهي تہ هاڻي ڪان قبر ۽ آخرت جي تياري ڪري وٺون.

## دنيا آخرت جي تياري جي لاءِ مخصوص آهي

ياد رکو! هي دنيا کائڻ پيئڻ، مال جمع ڪرڻ، گهر، بنگلا ٺاهڻ، عيش ڪرڻ، فضوليات ۾ ڏينهن گذارڻ جي لاءِ نہ، نيڪيون ڪري قبر ۽ آخرت جي تياري جي لاءِ مخصوص آهي، مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنہ پنهنجي آخري خطبي ۾ فرمايو: الله پاڪ توهان کي دنيا صرف ان لاءِ عطا فرمائي آهي تہ توهان ان جي ذريعي آخرت جي تياري ڪيو ۽ ان ڪري ناهي عطا فرمائي تہ توهان انهيءَ جا ٿي ڪري رهجي وڃو، بيشڪ دنيا فاني ۽ آخرت باقي آهي، توهان کي فاني (دنيا) ڪٿي ٻٽڪائي ڪري باقي (رهڻ واري آخرت) کان غافل نہ ڪري ڇڏي، فنا ٿي وڃڻ واري دنيا کي باقي رهڻ واري آخرت تي ترجيح نہ ڏيو ڇوتہ دنيا ڇڏڻ واري آهي ۽ بيشڪ الله پاڪ جي طرف موٽڻو آهي. الله پاڪ کان ڊڄو ڇوتہ ان جو ڊپُ ان جي عذاب جي لاءِ (روڪ ۽) آڙ ۽ ان الله پاڪ تائين پهچڻ جو ذريعو آهي.[1]

ہے یہ دنیا بے وفا آخِر فنا | نہ رہا اس میں گدا نہ بادشَہ

## قبر ۾ ڪم اچڻ وارا اعمال

اي عاشقانِ رسول! قبر جي وحشت ۽ اڪيلائي کي امن ۽ راحت ۾، قبر جي اونداهي کي روشني ۾ بدلائڻ ۽ قبر جي عذاب کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي خواهش آهي تہ يقيناً ان جي لاءِ هاڻي کان تياري ڪرڻي پوندي. اهي ڪهڙا ڪمَ آهن: جنهن کي اپنائي ڪري اسان پنهنجي قبر کي روشن ڪري سگهون ٿا؟ قبر جي

---

[1] موسوعہ ابن ابی الدنیا،ذم الدنیا،جلد:5 ،صفحہ:83۔

وحشت ۽ اڪيلائي کان بچي سگهون ٿا: اچو! ٻڌون ٿا:

## (1): عقيدو درست رکو!

**پهريون ڪم**: هي ته پنهنجو عقيدو درست رکو ۽ هميشه ان تي مضبوطي سان قائم رهو! ڇوته قبر ۾ اصل امتحان عقيدي جو ٿي آهي، نماز، روزا، حج، زڪوات وغيره جو حساب ته ٿيندو پر قيامت جي ڏينهن، قبر ۾ 3 سوال ٿيندا (1): تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ (2): تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ (3): تون هن هستي (يعني آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) جي باري ۾ ڇا چوندو هُئين؟

هي ٽي سوال عقيدي جا آهن. لهٰذا هميشه پنهنجو عقيدو مضبوط رکو! الله پاڪ جي متعلق، آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي متعلق، الله پاڪ جي ڪتابن، ان جي رسولن، ملائڪن جي متعلق، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْھم اهلِ بيتِ اطهار جي متعلق هميشه اهو ئي عقيدو رکو! جيڪو صحابهءِ ڪرام، اولياءِ ڪرام ۽ صدين کان عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جو عقيدو رهيو آهي.

جيڪڏهن اسان درست اسلامي عقائد اپنايون ۽ انهن تي هميشه قائم رهون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عذابِ قبر کان بچي وينداسين.

## قبر حدِ نگاهه تائين وسيع ڪئي ويندي آهي

حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان مروي آهي ته مصطفٰي جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن ميت کي قبر ۾ رکي ڪري ماڻهو موٽندا آهن ته مڙدو انهن جي جوتن جو آواز ٻڌندو آهي پوءِ جڏهن ويهي رهندو آهي ته ان کان پڇيو ويندو آهي: تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ اهو چوندو آهي: الله پاڪ. وري سوال ٿيندو آهي: تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ اهو چوندو آهي: اسلام. وري پڇيو ويندو آهي: تنهنجا نبي ڪير آهي؟ اهو چوندو آهي: حضرت محمد صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ. وري سوال ٿيندو آهي: تون انهن جي باري ۾ ڇا ٿو ڄاڻين؟ اهو

چوندو آهي: مان انهن کي سچاتو ۽ جيڪو ڪتاب اهي ڪٺي آيا مون ان جي تصديق ڪئي. جيئن تہ ان جي قبر کي حدِ نگاھ تائين وسيع ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو روح مومنن جي روحن سان ملايو ويندو آهي.[1]

## درست عقيدن واري مومن جي قبر جو حال

حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِیَ اللہُ عَنْہما فرمائن ٿا: نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ انصاري جي جنازي ۾ شريڪ ٿيا ۽ قبر تائين گڏ تشريف وٺي ويا ان وقت تائين قبر نہ کوٽي وئي هئي لهٰذا پاڻ سڳورا تشريف فرما ٿيا ۽ ماڻهو بہ پاڻ وٽ ائين خاموش ويهي رهيا ڄڻ انهن جي مٿن تي پکي وينل آهن. پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ زمين ڏي نظر فرمائي ۽ هڪ تيلي سان زمين کُوٽڻ لڳا پوءِ آسمان جي طرف نگاھ کنيائون ۽ 3 ڀيرا هيئن دعا فرمائي: اَعُوْذُ بِاللهِ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ يعني مان عذابِ قبر کان الله پاڪ جي پناھ گهران ٿو. پوءِ فرمايائون: جڏهن مومن دنيا کي ڇڏي آخرت جي طرف وڃي رهيو هوندو آهي تہ حضرت ملڪُ الموت عَلَیْہِ السَّلَام ان جي سرهاڻي وٽ اچي ڪري ويهي رهندو آهي، انهن سان گڏ ٻيا ملائڪ بہ هوندا آهن جن وٽ جنّتي تحفا، خوشبو ۽ لباس هوندو آهي، اهي تمام حدِ نگاھ تائين صفون ٺاهي ڪري ويهي رهندا آهن، پهريان حضرت ملڪُ الموت عَلَیْہِ السَّلَام ان کي خوشخبري ٻڌائيندا آهن پوءِ ٻيا ملائڪ ان کي خوشخبري ڏيندا آهن تہ ان جو روح حضرت ملڪُ الموت عَلَیْہِ السَّلَام جي طرف کان ڏنل خوشخبري سبب خوش ٿي ڪري مشڪ مان ڦڙو وهڻ جيان وهي ڪري نڪرندو آهي، پوءِ ملڪُ الموت عَلَیْہِ السَّلَام سندس روح ڪٺي ڪري اک ڇنڀ ۾ ٻين ملائڪن جي حوالي ڪندو آهي اهي فوراً ان کي جنّتي تحفن ۾ ويڙهي وٺندا آهن ۽ ان وقت زمين ۽ آسمان جي درميان هڪ خوشبو پکڙجي ويندي آهي، ملائڪ چوندا آهن: هيءَ خوشبو ڪيتري سُٺي آهي. ٻيا ملائڪ چوندا آهن: هي خوشبو اڄ قبض ڪيل فلاڻي مومن جي روح جي آهي، جڏهن ان کي آسمان تائين آندو ويندو آهي تہ آسمان جا

[1] شرح الصدور،صفحہ:91۔

دروازا ان جي لاءِ کُليل ويندا آهن، هر دروازو هي چاهيندو آهي تہ ان جو روح مون مان گذاريو وڃي، جيئن تہ ان ڪي سندس عمل جي دروازي مان گذاريو ويندو آهي تہ اهو روئڻ لڳندو آهي ۽ جنهن جنهن آسمان وارن وٽان گذرندو آهي سڀ اهو ئي چوندا آهن تہ **پليڪار ان جان ڪي جنهن پنهنجي ربّ ڪريم جو حڪم مڃيو** ايستائين جو ان ڪي سدرةُ المنتهٰي تائين پهچايو ويندو آهي، حضرت ملڪُ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ انهن جا معاون ملائڪ عرض ڪندا آهن: الٰهي! اسان فلاڻي بن فلاڻي مومن جو روح قبض ڪيو آهي. حالانڪ ربّ ڪريم انهن کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو. الله پاڪ ارشاد فرمائيندو آهي: ان ڪي زمين جي طرف موٽائي ڇڏيو، مون انهن ٻانهن ڪي انهيءَ مان پيدا ڪيو، انهيءَ ۾ موٽائيندس ۽ انهن ڪي انهيءَ مان ٻيهر موٽائيندس. دفنائڻ وارا جڏهن موٽندا آهن تہ مڙدو انهن جي جوتن ۽ هٿ چنبڙڻ جو آواز بہ ٻڌندو آهي، پوءِ ان وٽ 3 ملائڪ ايندا آهن، 2 رحمت جا ۽ هڪ عذاب جو، ٻانهي جو نيڪ عمل ان ڪي پنهنجي حفاظت ۾ آڻي ڇڏيندو آهي، نماز قدمن وٽ، روزو متي وٽ، زڪوات ساڄي پاسي، صدقو کاٻي پاسي ۽ نيڪي ۽ حُسنِ اخلاق سيني وٽ اچي ويندا آهن، هاڻي عذاب جو فرشتو جنهن پاسي کان بہ ايندو آهي نيڪ عمل ان ڪي روڪي ڇڏيندو آهي، اهو ملائڪ ايترو وزندار هٿوڙو کڻي بيٺو هوندو آهي جو جيڪڏهن مِنٰي ۾ جمع ٿيڻ وارا ملي ڪري بہ ان ڪي کڻڻ چاهين تہ کڻي نہ سگهن، پوءِ اهو چوندو آهي: اي نيڪ ٻانها! جيڪڏهن نماز، روزو، زڪوات ۽ صدقو تنهنجي حفاظت نہ ڪن ها تہ مان هن هٿوڙي سان توکي اهڙي مارَ ڏيان ها جنهن سان قبر ۾ باهہ ڀڙڪي پئي ها، اهو رحمت جي ملائڪن کي چوندو آهي: هي توهان جي لاءِ ۽ توهان هن جي لاءِ آهيو، جيئن تہ اهو اتان کان رخصت ٿي ويندو آهي ۽ رحمت جو هڪ ملائڪ ٻين ڪي چوندو آهي: الله پاڪ جي وليءَ سان نرمي ڪجو چوتہ هي تمام وڏي مصيبت مان آيو آهي. ملائڪ پڇندو آهي: تنهنجو ربّ ڪير آهي. ٻانهو چوندو آهي: الله پاڪ: اهو پڇندو آهي: تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ مُردو جواب ڏيندو آهي: منهنجو دين اسلام آهي.

ملائڪ وري سوال ڪندو آهي: تنهنجو نبي ڪير آهي؟ ٻانهو چوندو آهي: حضرت محمد صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ، ملائڪ پڇندو آهي: تون ڇا ٿو ڄاڻين؟ ٻانهو چوندو آهي: مون ڪتابُ الله ڪي پڙهيو ان تي ايمان آندو ۽ ان جي تصديق ڪئي. هي سوال ملائڪ سختي سان پڇندا آهن ۽ هي مومن ڪي پيش اچڻ واري سخت ترين آزمائش هوندي آهي، بَس آسمان مان آواز ايندو آهي: منهنجي ٻانهي سچ چيو، ان جي لاءِ جنّتي بسترو وڇايو، جنّتي ڪپڙا پارايو ۽ جنّتي خوشبو سان خوشبودار ڪيو ۽ **ان جي قبر ڪي حدِ نگاهه تائين وسيع ڪري ڇڏيو**، هڪ جنّتي دروازو ان جي سرهاڻي جي طرف ۽ هڪ قدمن جي طرف کولي ڇڏيو. ملائڪ ان ڪي چوندا آهن: ڪنوار جيان سمهي رهه توکي عذابِ قبر نه ٿيندو. اهو چوندو آهي: اي الله! قيامت قائم فرمائي ڇڏ ته جيئن مان پنهنجي اهل و عيال ۽ مال جي طرف موٽان ۽ اهو ڪجهه ماڻيان جيڪو تو منهنجي لاءِ تيار ڪيو آهي، جيئن ته ان ڪي قيامت جي ڏينهن چمڪندڙ چهري سان اٿاريو ويندو.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو! قبر ۾ تي سوال ٿيندا ۽ اهي ٽئي سوال ڇاجي باري ۾ هوندا، عقائد جي باري ۾. جيڪڏهن اسان پنهنجو عقيدو مضبوط رکيو، بلڪل انهن ئي عقيدن تي قائم رهياسين جيڪي عقيدا صحابهءِ ڪرام ۽ اولياءِ جا آهن ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قبر جي امتحان ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي ۽ قبر جنّت جي باغن مان هڪ باغ بڻجي ويندي.

قبر میں لہرائیں گے تا حشر چشمے نُور کے | جلوہ فرما ہو گی جب طلعت رسول اللہ کی

## صديق ۽ عُمر (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُما) جو وسيلو ڪم اچي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْھم جي متعلق صاف، سترو ۽ درست اسلامي عقيدو ۽ انهن سان محبت ۽ عقيدت به عذابِ قبر کان نجات جو ذريعو آهي، جيئن ته پنهنجي دور جا مُجدد ۽ تمام وڏا عالِم، مُفسر، مُحدث

[1] شرح الصدور، صفحه:91۔

حضرت امام جلالُ الدّين سيوطي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: مُفسرِ قرآن حضرت ابو القاسم بن هِبَةُ الله رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: اسان جي هڪ هم مڪتب (ڪلاس فيلو) جو انتقال ٿي ويو تہ استاد صاحب ان کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: اللہ پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان چيو: مون کي بخشيو ويو آهي. استاد صاحب پڇيو: نڪيرين (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارن ملائڪن) سان ڪيئن گذري؟ ان چيو: استاد صاحب! جڏهن مون کي ويهاري ڪري پڇيو تہ تنهنجو ربّ ڪير آهي ۽ تنهنجو نبي ڪير آهي؟ تہ اللہ پاڪ منهنجي دل ۾ وجهي ڇڏيو تہ مون انهن کي چيو: حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عُمر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا جي وسيلي سان مونکي ڇڏي ڏيو! بَس هڪ ملائڪ ٻئي ملائڪ کي چيو: هن اسان کي وڏو قسم ڏنو آهي، لهٰذا هن کي ڇڏي ڏي. جيئن تہ اهي ٻئي مون کي ڇڏي هليا ويا.[1]

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اَصحاب و اہلِ بیت کا — ہے خدائے مصطفٰی، اَصحاب و اہلِ بیت کا
آل و اَصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ — میں فقط ادنیٰ گدا اَصحاب و اہلِ بیت کا
فَضلِ ربّ سے دو جہاں میں کامیابی پائے گا — دل سے جو شَیدا ہوا اَصحاب و اہلِ بیت کا

ہر صحابیٔ نبی! جنتی جنتی — سب صحابیات بھی! جنتی جنتی
چار یارانِ نبی! جنتی جنتی — حضرتِ صدیق بھی! جنتی جنتی
اور عمرِ فاروق بھی! جنتی جنتی — عثمانِ غنی! جنتی جنتی
فاطمہ اور علی! جنتی جنتی — ہیں حَسَن حُسین بھی! جنتی جنتی
والِدَینِ نبی! جنتی جنتی — ہر زوجۂ نبی! جنتی جنتی
اور ابو سُفیان بھی! جنتی جنتی — ہیں مُعاویہ بھی! جنتی جنتی

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] المنتظم لابن جوزى ،جلد:15،صفحه:138، رقم :3092- ہِبَۃُ اللہ بن سلامہ ۔

## (2): قبر جا سوالَ ياد ڪندا ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! قبر روشن ڪرڻ ۽ عذابِ قبر کان بچائڻ وارو ٻيو ڪم هي آهي تہ قبر ۾ جيڪي سوالَ ٿيڻا آهن، انهن کي ياد ڪندا ڪيو، هن دنيا ۾ انهن سوالن جا جواب باربار دهرائيندا رهنداسين، انهن کي پنهنجي زبان تي خوب جاري ڪري ونداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪرم ٿيندو، قبر ۾ جڏهن ملائڪ سوال پڇندا تہ بي اختيار زبان تي اهي ئي جواب ايندا جيڪي اسان دنيا ۾ ياد ڪيا هوندا.

## زبان کي هنن ڪلمن جو عادي بڻايو!

حضرت عبدُالله بن عُمر رَضِيَ اللهُ عَنْهما روايت ڪن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي انسانو! پنهنجي زبان کي هنن ڪلمن جو عادي بڻايو:

لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَاللّٰهَ رَبُّنَا وَالْاِسْلَامَ دِيْنُنَا وَمُحَمَّدًا نَبِيُّنَا

يعني الله پاڪ ڪانسواءِ ڪو معبودِ بَرحق ناهي ۽ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) الله جا رسول آهن الله پاڪ اسان جو ربّ، اسلام اسان جو دين ۽ حضرت مُحمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان جا نبي آهن. چوتہ قبر ۾ توهان کان هنن ڳالهين جي باري ۾ پڇيو ويندو.[1]

## صحابہ ڪرام کي قبر جا سوالَ سيکاريندا هئا

حضرت راشد بن سعد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مروي آهي تہ پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: پنهنجو دليل سکو! چوتہ توهان کان پڇيو ويندو. ان فرمان جو اهڙو اثر ٿيو جو انصار مان جڏهن ڪنهن جو موت ويجهو ايندو هو تہ هُو ان کي نڪيرين جي سوالن جا جوابَ سيکاريندا ۽ ٻارُ جڏهن عقلمند ٿي ويندو هو تہ ان

[1] فردوس الاخبار ،جلد:1 ،صفحہ:69 ، حديث :347 ـ

ڪي بہ چوندا هئا تہ جڏهن توکان پڇيو وڃي: تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ تہ چئجانءِ: منهنجو ربّ اللّٰه آهي. جڏهن پڇيو وڃي: تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ تہ چئجانءِ: منهنجو دين اسلام آهي ۽ جڏهن هي سوال ٿئي تہ تنهنجا نبي ڪير آهن؟ تہ چئجانءِ: منهنجا نبي مُحمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ وقفي وقفي سان هي قبر جا سوال ۽ انهن جا جوابَ زبان تي جاري رکو ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ هي سوال جوابَ ياد ڪرايو.

## مون کان هي سوال پڇو ٿا حالانڪ...!!

حضرت حَوثره بن محمد مِنقَري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرت يزيد بن هارون رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي خواب ۾ ڏٺو تہ هو چئي رهيا هئا: منڪر نڪير مون وٽ آيا ۽ مون کي ويهاري ڪري پڇيائون: تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ ۽ تنهنجا نبي ڪير آهن؟ مون پنهنجي اڇي ڏاڙهي مان مِٽي ڇنڊيندي چيو: مون کان هي پڇيو پيو وڃي، حالانڪ مان يزيد بن هارون آهيان ۽ مان دنيا ۾ ماڻهن کي 60 سال تائين انهن سوالن جا جواب سيکاريندو رهيو آهيان. هڪ ملائڪ چيو: هي سچ چئي رهيو آهي. پوءِ چوڻ لڳا: ڪنوار جيان سمهي رهُ! اڄ کان بعد توتي ڪو خوف ناهي.[2]

## قبر مان سج جهڙي روشني نڪتي

حضرت علاء بن عبدالڪريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص جنهن جي نظر ڪمزور هئي اهو چئي ٿو: منهنجي ڀاءُ جو انتقال ٿي ويو، اسان ان کي دفنائي ڇڏيو، جڏهن ماڻهو هليا ويا تہ مون پنهنجي ڀاءُ جي قبر تي مٿو رکيو، اوچتو مون کي قبر جي اندران آواز آيو: تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ تنهنجو دين ڪهڙو

---

[1] تفسير درِّ منثور ، پاره:13، سورۂ ابراهيم ،زيرِ آيت:27، جلد:5 ،صفحه:38۔

[2] شرح اصول اعتقائد اهل السنه ،جز:6،جلد:3، صفحه :453، رقم: 2147 ملتقطًا ۔

آهي؟ ۽ تنهنجا نبي ڪير آهن؟ مون پنهنجي ياءُ جو آواز ٻڌو، ان چيو: الله پاڪ منهنجو ربّ آهي ۽ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجا نبي آهن. ايتري ۾ قبر جي اندران سج جي ڪِرڻن جهڙي روشني منهنجي ڪنن جي طرف بُلند ٿي ۽ مان اتان کان هَٽي ويس.[1]

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نُور کے | جلوہ فرما ہو گی جب طلعت رسول اللہ کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) تلاوتِ قرآن جي عادت اپنايو!

قبر جي اونداهي ۽ وحشت کان بچائڻ وارو **ٽيون نيڪ عمل**: تلاوتِ قرآن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! قرآنِ ڪريم نهايت باوفا ساٿي آهي، جڏهن تمام دوست، احباب، عزيز رشتيدار، سڳا پيڻ ياءُ، ايستائين جو ماءُ پيءُ به انسان کي اڪيلو قبر جي کڏي ۾ رکي ڪري واپس موٽي ويندا آهن ته قرآنِ ڪريم ان جي وحشت ۽ اڪيلائي ۾ به ساٿ ناهي ڇڏيندو، قرآنِ ڪريم عذابِ قبر کان بچائيندو ۽ الله پاڪ کان سفارش ڪري قبر کي روشن ڪرائي ڇڏيندو آهي.

## تلاوتِ قرآن ڪرڻ واري جي قبر کي وسيع ڪيو ويندو آهي

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن گهر ۾ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي ويندي آهي ان گهر ۾ نور جو هڪ خيمو هوندو آهي جنهن کان آسمان وارا رهنمائي (**_Guidance_**) حاصل ڪندا آهن جيئن چوليون هٽندڙ سمنڊ ۽ رڻپٽ جي ميدانن ۾ موتي جهڙي تاري کان رهنمائي ورتي ويندي آهي، جڏهن تلاوت ڪرڻ وارو فوت ٿي ويندو آهي ته نوري خيمو کنيو ويندو آهي، جيئن ته ملائڪَ آسمان تان ڏسندا آهن ته انهن کي اهو نور نظر ناهي

[1] موسوعہ ابن ابی الدنیا ، کتاب القبور ،جلد:6 ،صفحہ:84-85 ۔

ايندو پوءِ ملائڪَ ان کي هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تي کڻي ويندا آهن ۽ ان جي روح تي دُرود موڪليندا آهن پوءِ قيامت تائين ان جي لاءِ استغفار ڪندا آهن ۽ جيڪو بہ مومن ڪتابُ الله سکندو آهي ۽ پوءِ رات جي ڪنهن پهر ۾ نماز پڙهندو آهي تہ اها رات ايندڙ رات کي وصيت ڪندي آهي تہ هن مومن کي مقرر وقت تي جاڳائي ڇڏجانءِ ۽ هن جي لاءِ آسان ٿي وڃجانءِ، جڏهن اهو فوت ٿي ويندو آهي تہ ان جا گهر وارا ان جي ڪفن جي تياري ۾ مشغول هوندا آهن جڏهن تہ قرآنِ ڪريم نهايت حسين صورت ۾ ان جي سرهاڻي وٽ اچي ڪري بيهي رهندو آهي پوءِ ڪفن جي هيٺان ۽ سيني جي مٿان اچي ويندو آهي ۽ جڏهن ان کي قبر ۾ رکي ڪري ان تي مٽي برابر ڪئي ويندي ۽ دوست احباب واپس موٽي ويندا آهن تہ نَڪِيرين اچي ڪري ان کي قبر ۾ ويهاري ڇڏيندا آهن ايتري ۾ قرآنِ ڪريم مومن ۽ ملائڪن جي وچ ۾ آڙ ٿي ويندو آهي، ملائڪَ چوندا آهن: هڪ پاسي ٿي وڃ تہ جيئن اسان هن کان سوال ڪيون. اهو چوندو آهي: ربِّ ڪعبہ جو قسم! ائين هرگز نہ ٿيندو ڇوتہ هي منهنجو ساٿي ۽ منهنجو دوست آهي مان هن کي ڪنهن بہ حالت ۾ اڪيلو نہ ڇڏيندس باقي جيڪڏهن توهان کي ڪنهن ڳالهہ جو حڪم آهي تہ ان تي عمل ڪيو ۽ مونکي منهنجي جڳهہ تي رهڻ ڏيو ڇوتہ مان هن کي جنّت ۾ پهچائڻ کان پهريان هن کان جُدا نہ ٿيندس. پوءِ قرآنِ ڪريم پنهنجي دوست جي طرف ڏسي ڪري چوندو آهي: مان اهو ئي قرآن آهيان جنهن کي تون ڪڏهن بلند آواز سان ۽ ڪڏهن آهستہ پڙهندو هئين ۽ مون سان محبت رکندو هئين، بس مون کي تو سان محبت آهي ۽ جنهن سان مان محبت ڪندو آهيان الله پاڪ بہ ان کي محبوب بڻائي وٺندو آهي، نڪيرين جي سوالن کان بعد توتي نہ ڪو خوف آهي نہ ڪو غم. نڪيرين سوالن کان بعد تشريف وٺي ويندا آهن، هاڻي مومن هوندو آهي ۽ قرآنِ ڪريم، قرآنِ مجيد فرمائيندو آهي: مان تنهنجي لاءِ نرم آرام وارو بسترو وڇائيندس ۽ حسين ۽ جميل چادر عطا ڪندس ڇوتہ تون سڄي رات منهنجي لاءِ جاڳندو ۽

سڄو ڏينهن منهنجي لاءِ مشقت ڪٽندو هئين. پوءِ قرآنِ ڪريم اک چنيڻ کان بہ جلدي آسمان جي طرف پرواز ڪري ويندو آهي ۽ اللہ پاڪ کان بستر ۽ چادر جو سوال ڪندو آهي تہ اهي ان کي عطا ڪيا ويندا آهن، پوءِ ڇهين آسمان جا هڪ هزار مقرب ملائڪَ ان سان گڏ لهندا آهن ۽ قرآنِ ڪريم مومن کان پڇندو آهي تہ تون منهنجي غير موجودگي ۾ خوف زده تہ نہ ٿئين مان ربَّ ڪريم وٽان تنهنجي لاءِ بستر ۽ چادر وٺڻ ويو هيس ۽ اهي وٺي بہ آيو آهيان لهٰذا اٿي بيهه تہ جيئن ملائڪَ بستر وڇائين، پوءِ ملائڪ ان کي نهايت نرمي سان اٿاريندا آهن ۽ ان جي قبر 400 سالن جي مسافت تائين وسيع ڪئي ويندي آهي پوءِ ان جي لاءِ اَذفَر نالي خوشبو لڳل سائو ريشم وڇايو ويندو آهي ۽ ان جي پيرن کان سنها ۽ ٿلها ريشم جا وِهاڻا لڳايا ويندا آهن، ان جي مٿي ۽ قدمن جي طرف جنّتي نور جا 2 چراغ ٻاريا ويندا آهن جيڪي قيامت تائين ٻرندا رهندا پوءِ ملائڪَ ان کي ساڄي پاسي قبلي ڏانهن منهن ڪري ۽ ان کي جنّتي ياسمين ڏئي پرواز ڪري ويندا آهن ۽ پوءِ قيامت تائين اهو ۽ قرآن رهجي ويندا آهن. قرآنِ ڪريم ڏينهن رات ان جي خبر ان جي گهر وارن کي ڏيندو آهي ۽ ان سان ائين رهندو آهي جيئن مهربان پيءُ پنهنجي ٻار سان گڏ رهندو آهي، جيڪڏهن ان جي اولاد مان ڪنهن قرآنِ پاڪ پڙهي ورتو تہ قرآنِ ڪريم ان کي خوشخبري (***Good News***) ٻڌائيندو آهي ۽ جيڪڏهن ان جي پنيان ان جي اولاد مان ڪو برو هجي تہ قرآنِ ڪريم ان جي اصلاح ۽ بهتري جي لاءِ دعا ڪندو آهي.[1]

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے | تلاوت کرنا صبح شام میرا کام ہو جائے

## (4): صدقو قبر کي روشن ڪندو آهي

قبر جي اونداهي کي روشني ۾ ۽ قبر جي وحشت کي اطمينان ۽ سڪون ۾ بدلائڻ جي لاءِ هڪ نيڪ عمل اللہ پاڪ جي راهه ۾ صدقو ڪرڻ بہ آهي، فرمانِ

[1] مسندبزار ، جلد:7، صفحہ:97،حديث:2655 ۔

مصطفٰي آهي: اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَلٰی اَھْلِھَا حَرَّ الْقُبُوْرِ صبح ۽ شام بيشڪ صدقو ڪرڻ وارن کي صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي وَ اِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيْ ظِلِّ صَدَقَتِهٖ يعني ۽ بنا شڪ جي مسلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو.[1]

لهٰذا صدقو ڏيڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. صدقو ڏيڻ جا ڪوڙ فضائل آهن: ❁ صدقو برائين جا 70 دروازا بند ڪندو آهي ❁ صدقو ڏيڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو ❁ صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي ❁ صدقو گناهن کي ائين مِٽائي ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي باھ کي وِسائي ڇڏيندو آهي ❁ صدقو آفتن، بلائن کي روڪيندو آهي ❁ صدقو عمر کي وڌائيندو آهي ❁ صدقو بُري موت ۽ بُري خاتمي کان بچائيندو آهي ❁ صدقو الله پاڪ جي غضب کي وسائيندو آهي ❁ صدقو رزق ۾ وسعت ۽ مال جي ڪثرت جو باعث بڻجندو آهي ❁ صدقو غربت ۽ ناداري کي ختم ڪندو آهي.[2] مطلب تہ! صدقو ڪيئي ڀلائين جا دروازا کوليندو آهي ۽ ڪيئي بُرائين جا دروازا بند ڪندو آهي. لهٰذا اسان کي خوب صدقو ۽ خيرات ڏئي ڪري پنهنجي قبر ۽ آخرت جي بهتري جو سامان ڪرڻ گهرجي.

## عطيات (Donation) جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان ❁ دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ ديني خدمتون انجام ڏئي رهي آهي ❁ دعوتِ اسلامي هن وقت تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) ٺائي

[1] شُعَبُ الايمان، جلد:3 ،صفحہ:212، حديث:3347۔

[2] صدقے کا انعام،صفحہ:17تا 19 ملتقطًا۔

چڪي آهي ۞ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (***Boys & Girls***) ڪي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 10489 (10 هزار489) مدرسةُ المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 341821 (3 لک 41 هزار821) ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني وڃي پئي ۞ فروغِ علمِ دين (عالمِ و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1310 (1 هزار310) جامعة المدينہ(ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) جا قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 104857 (1 لک 4 هزار857) طالب ۽ طالبات کي درس نظامي(عالمِ و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس) مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 24257 (24 هزار 257) عالم و عالمہ ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. لکين حافظ، قاري، امام، مبلغ، مُعَلّم، عالم ۽ ڪيئي دارُالافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرامَ اُمّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف آهن ۞ المدينة العلميہ (***Islamic Research Canter***) ۾ مختلف موضوعن تي تحقيق ڪئي ويندي آهي، هن شعبي ۾ هن وقت 142 مدني عالم سگورا تقريباً 807 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ڪري فيضان علمِ دين عام ڪري چڪا آهن ۽ هي سلسلو جاري آهي. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي (ڇوڪرن، ڇوڪرين) جون قائم آهن جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس، قرآن پاڪ (حفظ و ناظره) پڙهايو ويندو آهي، 30 کان وڌيڪ آن لائن ڪورسَن جي ذريعي 77 ملڪن (***Countries***) ۾ ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پچائي پئي وڃي ۞ ”مدني چينل“ جي ذريعي 6 وڏين سيٽلائٽس تي اردو، انگلش ۽ بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي.

**اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيندا!اوهان جو چندو ڪنهن بہ جائز، ديني ۽ اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهي ٿو.**

الله پاڪ اسان کي دين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ۾ ڪم اچڻ وارا ڪجھ وڌيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! (5) پنج ئي نمازون وقت جي پابندي سان باجماعت مسجد ۾ ادا ڪرڻ، (6): زڪوات واجب هجي ته ادا ڪرڻ (7): روزا رکڻ ۽ (8): ماٽهن سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ به عذابِ قبر کان بچڻ جا اسباب آهن. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مروي آهي ته پاڪ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضہءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! جڏهن ميت کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته اهو واپس وڃڻ وارن جي جوتن جو آواز ٻڌندو آهي، جيڪڏهن مومن هجي ته نماز ان جي سرهاڻي کان، زڪوات ساڄي، روزا کاٻي ۽ ٻيون ڀلايون، نيڪيون ۽ ماڻهن سان حُسنِ سلوڪ ان جي پيرن کان اچي ويندا آهن، سرهاڻي کان عذاب اچي ته نماز چوندي آهي: هتي تنهنجي لاءِ ڪا واٽ ناهي. ساڄي (**Right**) کان اچي ته زڪوات چوندي آهي: منهنجي پاسي کان به توکي رستو نه ملندو. کاٻي (**Left**) کان اچي ته روزو چوندو آهي: مان توکي هتان داخل ٿيڻ نه ڏيندس. پوءِ عذابِ قبر پيرن کان ايندو آهي ته ڀلايون، نيڪيون ۽ ماڻهن سان حسنِ سلوڪ چوندا آهن: هتان به توکي ڪو رستو ناهي ملڻ وارو.[1]

ہر عبادت سے بَرتر عبادت نَماز ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ رَبّ سے دلوائے گی تم کو جنّت نَماز

[1] معجمِ اوسط، جلد:2، صفحہ:92، حديث:2630.

## صبر هڪ پاسي بيٺو هوندو آهي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ روايت ڪن ٿا تہ انسان جي قبر ۾ عذاب ايندو آهي تہ بَس جڏهن اهو سرهاڻي کان ايندو آهي تہ تلاوتِ قرآن ان کي پري ڀڄائي ڇڏيندي آهي. جڏهن هٿن کان ايندو آهي تہ صدقو روڪي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن پيرن کان ايندو آهي تہ ان جو مسجد جي طرف هلڻ عذاب کي ڀڄائي ڇڏيندو آهي ۽ صبر هڪ ڪناري تي موجود هوندو آهي ۽ چوندو آهي: جيڪڏهن مان ڪٿان کان عذاب جي وڏڻ جي جڳهہ ڏسندس تہ سامهون اچي ويندس.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪُل 9 ڪم آهن: (1): عقيدو درست رکڻ (2): قبر جي سوالن کي زبان تي جاري رکڻ (3): ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ (4): راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ (5): نمازن جي پابندي ڪرڻ (6): زڪوات ادا ڪرڻ (7): روزا رکڻ (8): ماڻهن سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ (9): ۽ صبر ڪرڻ. ان کان علاوه بہ ڪيئي نيڪ اعمال آهن، جيڪي عذابِ قبر کان بچائيندا ۽ قبر جي روشني جو سبب بڻجندا آهن. اسان کي قبر جي تياري ڪرڻي آهي، اڄ ۽ هاڻي کان شروع ڪرڻي آهي، لهذا اسان بيان ڪيل گهٽ ۾ گهٽ 8 نيڪ ڪم اپنايون ۽ هي 4 گناهہ ڇڏي ڏيون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا بہ سنورجي ويندي، قبر بہ روشن ٿيندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ قيامت جي امتحان ۾ بہ ڪاميابي نصيب ٿي ويندي. الله پاڪ اسان کي قبر ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 4 ڪم ڇڏي ڏيو!

فَقيہِ ابو اللَّيث سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو قبر جي اڪيلائي ۽ گهبراهٽ کان بچڻ چاهي ٿو، ان کي گهرجي تہ 4 ڪم ڇڏي ڏي. جيڪو ائين ڪندو اهو (الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان) قبر جي اڪيلائي ۽ گهبراهٽ کان

[1] معجمِ اوسط، جلد:6، صفحہ:470، حديث:9438۔

بچي ويندو. اهي 4 ڪم هي آهن: (1): ڪوڙ (2): خيانت (3): چغلي (4): پيشاب جي ڇنڊن کان بچڻ.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي 4 گناهه آهن، اسان قبر کان نجات چاهيون ٿا، قبر جي روشني جا طلبگار آهيون ته اسان کي هي چار گناهه ڇڏڻا پوندا:

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ ڪوڙ کان بچو!

**پهريون گناهه:** ڪوڙ. صادق ۽ امين نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڪوڙ گناهه جي طرف وٺي ويندو آهي ۽ گناهه جهنّم ۾ وڃڻ جو سبب آهي. بيشڪ ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو آهي، ايستائين جو الله پاڪ جي ويجهو ڪَذّاب (تمام ڪوڙو) لکيو ويندو آهي.[2]

ڪوڙ جي تعريف، ان جا مثال ۽ عذابَ ڄاڻڻ جي لاءِ اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو **”ڪوڙو چور“** پڙهي وٺو!

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ خيانت کان بچو!

قبر ۾ نقصان ڏيڻ وارو ٻيو گناهه: خيانت. يعني ڪنهن جي رکرايل امانت ۾ ناجائز ردو بدل ڪرڻ يا امانت واپس نه موٽائڻ. حضرت مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڌوڪو ۽ خيانت باهه ۾ آهي، ڌوڪو ڏيڻ ۽ خيانت ڪرڻ مسلمانن جا اخلاق ناهن.

جو دُکا نیں خِیانت سے چمکائیں گے!
قہرِ قہّار سے کیا بچا پائیں گے ؟
مالِ دنیا ہے دونوں جہاں میں وبال

کیا اُنہیں زَر کے اَنبار کام آئیں گے ؟
جی نہیں، نارِ دوزخ میں لے جائیں گے
آئیگا قبر میں ساتھ ہر گز نہ مال[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] تنبيہ الغافلين،صفحہ:19۔
[2] بخاري ، كتاب الادب،صفحہ:1515، حديث:6094۔
[3] وسائلِ بخشش،صفحہ:655۔

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ چغلي کان بچو!

قبر جي عذاب جو سبب بڻجڻ وارو ٿيون گناهه چغلي آهي. جهيڙو ڪرائڻ جي لاءِ هڪ شخص جي ڳالهه ٻئي تائين پهچائڻ کي چغلي چوندا آهن.[1] پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **چغل خورن کي الله پاڪ** (قيامت جي ڏينهن) **ڪتن جي شڪل ۾** اٿاريندو.[2]

| مجھے غیبت و چغلی و بدگمانی | کی آفات سے تُو بچایا اِلٰہی! |
|---|---|

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ پاڪيزه رهو

قبر ۾ نقصان پهچائڻ وارو **چوٿون** بُرو عمل آهي: پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ. الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اڪثر قبر جو عذاب پيشاب (جي ڇنڊن کان نه بچڻ) جي ڪري ٿيندو آهي.[3]

الله پاڪ اسان کي نيڪيون ڪرڻ، گناهن کان بچڻ، پنهنجي عقيدن کي هر گهڙي پختو رکڻ، بُرن عقيدن ۽ بُرن عملن وارن کان پري رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اڄ جي بابرڪت رات جي صدقي عذابِ قبر کان نجات ملي وڃي اسان جي لاءِ بخشش جي خوشخبري جاري ٿي وڃي..

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| خطاؤں کو میری مٹا یا اِلٰہی! | مجھے نیک خصلت بنا یا اِلٰہی! |
|---|---|
| تجھے واسطہ سارے نبیوں کا مولیٰ | مری بخش دے ہر خطا یا اِلٰہی! |

---

[1] شرح مسلم للنووی،جلد:1، صفحہ:12۔
[2] الجامع فی الحدیث، باب العزلۃ، صفحہ:534، حدیث:428۔
[3] ابن ماجۃ،کتاب الطہارۃ ،باب التشدیدفی البول،صفحہ:69،حدیث:348۔

# رمضان جي روزن جا فضائل

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! وري آمدِ رمضان آهي، نيڪين جي موسمِ بهار اچڻ واري آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ رمضانُ المبارڪ جي روزن ۽ اعتڪاف جا ڪجھ فضائل ٻڌون ٿا: مختلف روايتن جي مطابق روزيدار جو سمهڻ عبادت آهي ❁ روزيدار جي دعا ۽ عمل قبول ٿيندو آهي ❁ روزيدار جي لاءِ ملائڪَ سڄ لهڻ تائين مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن ❁ روزيدارن جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ❁ روزيدار کي الله پاڪ جنّتي ميووا کارائيندو ❁ روزيدار کي الله پاڪ جنّتي شراب مان سيراب ڪندو ❁ روزيدار جي لاءِ قيامت جي ڏينهن سون جو دسترخوان لڳايو ويندو ❁ روزيدار جو روزو ان جي گذشته گناهن جو ڪفّارو بڻجي ويندو ❁ روزيدار جي چهري کي الله پاڪ جهنّم کان 70 سالن جي مسافت تائين پري ڪري ڇڏيندو.[1]

جيڪو نادان ڪنهن شرعي مجبوري جي بغير رمضان جو روزو ڇڏي ڏيندو آهي اهو سخت گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي. روايتن جي مطابق جيڪو شرعي مجبوري جي بغير رمضان شريف جو هڪ روزو ضايع ڪري ڇڏي ته هاڻي سڄي عُمر روزو رکندو رهي، تڏهن به ان ڇڏيل هڪ روزي جي فضيلت نه ٿو ماڻي سگهي.[2]

الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اسان کي پنهنجي قهر ۽ غضب کان بچائي، ماهِ رمضانُ المبارڪ جا پورا روزا خوش دلي سان، ذوق ۽ شوق سان رکڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

[1] فيضان رمضان ، صفحہ:84تا86 ماخوذاً۔

[2] فيضان رمضان ، صفحہ:88 تا89 ماخوذاً ۔

## اعتڪاف جا ڪجھ فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ دنيا ڀَر ۾ هزارين مقامن تي اجتماعي اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي، اعتڪاف گناهن کان بچڻ ۽ ماهِ رمضان نيڪين ۾ گذارڻ جو بهترين ذريعو آهي، هاڻي کان ماهِ رمضان يا گهٽ ۾ گهٽ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيّت ڪري وٺو! الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو الله پاڪ ان جي ۽ جهنّم جي وچ ۾ 3 خندقون آڙ ڪري ڇڏيندو، هر خندق جي مسافت(يعني دُوري) مشرق ۽ مغرب جي فاصلي کان بہ وڌيڪ آهي.[1] اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ طيبہ، طاهره رَضِىَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي: مَنْ اِعْتَكَفَ اِيْمَاناً وَ اِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان جي حالت ۾ ۽ ثواب جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان گناه بخشيا ويندا.[2] هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: جنهن رمضانُ المبارڪ ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو اهو اهڙو آهي جڻ 2 حج ۽ 2 عُمرا ڪيا.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان

---

[1] شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:فی الاعتکاف، جلد:3، صفحہ:425، حديث:3965۔
[2] جَامع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480۔
[3] جَامع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479۔

وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪم به خوب ذوق ۽ شوق سان ڪندا ڪريو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم رسالو: نيڪ اعمال به آهي. هي مختصر رسالو مڪتبةُالمدينه کان طلب ڪيو ۽ چاهيو ته دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني ڳهرو ٿا ته پنهنجي موبائل ۾ ***Naik Amaal*** ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري وٺو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوال ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪوبه وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف ستھرو، نکريل ۽ خوبصورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو گھراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال جي رسالي جو تعارف ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مونکي تمام گھڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اصلاحِ امّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت ڇا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه! آهستہ آهستہ پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، ڳائڻ وڄائڻ بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀري چينلز (**Channels**) جي جڳهه تي مدني چينل هلڻ لڳو.[1]

خوب مَدنی قافلوں کی دھوم ہو | نیک ہو امّت اے نانائے حسین
مدنی انعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین[2]

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ هاڻي مدني انعامات کي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اجوڪي رات عبرت ۽ نصيحت جي لاءِ قبرستان وڃڻ مسلمانن جو طريقو آهي، بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي، اچو! قبرستان جي حاضري جا مدني گُل ٻڌون ٿا:

## قبرستان جي حاضري جا مدني گُلَ

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): قبرن جي زيارت ڪيو ڇوته هي دنيا ۾ بي

---

[1] دلوں کا چین، صفحہ:4۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندڙيون آهن.[1] (2): جيڪو پنهنجي والدين ٻنهي يا هڪ جي قبر جي هر جمعي جي ڏينهن زيارت ڪندو، ان جي مغفرت ٿي ويندي ۽ نيڪوڪارن ۾ لکيو ويندو.[2]

اي عاشقانِ رسول! ❁ قُبورِ مُسلمين (يعني مسلمانن جي قبرن) جي زيارت سنّت ۽ ولين سڳورن جي قبرن ۽ شهيدن جي قبرن جي حاضري سعادت مٿان سعادت ۽ انهن کي ايثالِ ثواب ڪرڻ مَندُوب (يعني پسنديده) ۽ ثواب جو ڪم آهي ❁ مزار شريف يا قبر جي زيارت جي لاءِ ويندي رستي ۾ فضول ڳالهيون نہ ڪيو ❁ قبر کي تعظيمي سجدو ڪرڻ حرام آهي ۽ عبادت جي نيّت هجي تہ ڪُفُر آهي ❁ قبرستان ۾ ان عام رستي کان وڃو، جتي ماضيءَ ۾ ڪڏهن بہ مسلمانن جون قبرون نہ هيون، جيڪو رستو نئون نهيل هجي ان تي نہ هلو. فتاوٰي شامي ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ڊاهي ڪري) جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو ان تي هلڻ حرام آهي ❁ بلڪ نئين رستي جو صرف گمان (يعني شڪ) هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز و گناهہ آهي ❁ ڪيئي ولين جي مزارن تي ڏٺو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت جي خاطر مسلمانن جون قبرون مِسمار (يعني پَٽي) ڪري فرش ٺاهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي سمهڻ، هلڻ، ويهڻ، تلاوت ۽ ذڪر و اذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، جتي اهڙي صورتحال هجي اتي پري کان ئي فاتحہ پڙهي وٺو ❁ قبر جي مٿان اگربَتي نہ ٻاري وڃي جو ان ۾ بي ادبي ۽ بدفالي آهي، ها جيڪڏهن(حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو تہ) قَبر جي ويجهو خالي جڳهہ هجي تہ اُتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب (يعني پسنديده) آهي ❁ قبرن جي زيارت جي لاءِ هي 4 ڏينهن بهتر آهن: سومر، خميس، جمعو، ڇنڇر. جمعي جي ڏينهن بعد نمازِ فجر زيارتِ قبورِ افضل آهي.[3]

---

[1] ابن ماجہ، کتاب الجنائز، باب ماجاء فی زیارۃ القبور، صفحہ:252، حدیث:1571۔
[2] شُعَبُ الایمان، جلد:6، صفحہ:201، حدیث:7901۔
[3] 550سنتیں اور آداب، صفحہ:87تا90ملتقطاً۔

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خُدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
عِلْم حاصِل کرو، جَہْل زائِل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد